زبير مصطفیٰ

20-1-2025

سوال نمبر 1 سومرن جو دور سنڌي ادب جو اوائلي يا ڪلاسيڪل دور آهي. وضاحت ڪريو؟

جواب:


## الف- تعارف:

ان ڳالهه ۾ ڪو به شڪ نه آهي ته سومرن جو دور سنڌي ادب جو بنيادي پٿر آهي. سومرن جي دور کان پهرئين عربن ٣٥٥ سالن تائين سنڌ تي حڪومت ڪئي جنهن سبب عربي ٻولي جو سنڌي تي بهوڏو اثر ظاهر ٿيو. پر سومرن جي دور ۾ سنڌي ادب جو ابتدائي مرحلو شروع ٿئي ٿو. سومرن سنڌ تي ١٠٥٥ کان ١٣٥١ تائين حڪومت ڪئي. ان دوران سنڌي ادب تي بهترين ڪم ڪيو ويو. ان دور ۾ رومانوي داستان، رزميه واقعن ۽ مذهبي شاعري جي ابتدا ٿي. ان ئي دور ۾ مذهبي ڳنان جي ذريعي سنڌي ٻولي کي جاگرافيائي وسعت ملي. ان کان علاوه ڳاهه ۽ ٻيت جي به شروعات سومرن جي دور کان ٿي.

## ب- سومرن جو دور سنڌي ادب جو ڪلاسيڪل يا اوائلي دور ڪيئن آهي؟

سومرن جي دور ۾ سنڌي ادب تي بي مثال ڪم ڪيو ويو جنهن

تفصيل هيٺ ڏجي ٿي-




## ١- رومانوي داستان-

سومرن جو دور رومانوي داستانن جي آغاز جو دور آهي- جنهن داستانن کي قصي جي صورت ۾ پڙهيو ويو آهي- شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي ستن سورمين مان جنهن سورمين جو تعلق سومرن جي دور سان آهي- جيڪي هيٺ آهن- عمر مارئي، سسئي پنهون، مومل راڻو،

سورٺ راءِ ذياچ ۽ سهڻي ميهار ۽ ليلا چنيسر - انهن کي مدِ نظر رکندي ڏٺو وڃي ته اها سنڌي ادب جي لاءِ اهم ڪاميابي آهي- عبدالمجيد سنڌي مطابق انهن رومانوي داستانن ۾ تاثر پيدا ڪرڻ لاءِ شعر به جيڪو ويندو هو جيڪي انهن کي ڳاهه ڇنڊڻي لڳ- ان دور ۾ رومانوي داستانن جي ابتدا ان ڳالهه جي واضح مثال آهي ته سومرن جو دور سنڌي ادب جو اوائلي ۽ ڪلاسيڪل دور آهي-

## ٢- رزميه واقعن جي شروعات-

رزميه واقعن جي ابتدا

به سومرن جي دور کان ٿي چڪو جو ته ان دور ۾ ڪيترين ئي جنگون ٿيون جنهن کي شاعري جي انداز ۾ بيان ڪيو ويو- ۽ ان سان گڏو گڏ عالمن، اديبن، حڪمرانن ۽ دانشورن جي قصن ۽ ڪهاڻين کي به شاعري جي انداز ۾ بيان ڪيو ويو- آخر جنگن جي ڳالهه ڪجي ته سومرن ۽ گجرن جون وقتاً فوقتاً ڪيترين ئي جنگون ٿيون جيڪي ۱۱۵۵ کان ۱۲۵۵ تائين مسلسل هليون- ان جنگن ۾ سومرن جا ساٿي سما هئا جيڪي سٺا مدد گار ثابت ٿيا- نين ڪهڪ

CamScanner

جنگ ڪان پوءِ صلح ٿيا جنهن ۾ ان وقت جي
حاڪم گجرن کي سگهه ڏيٺو ڪيو جنهن جي
منحا لفت ڏونگر سومرو ڪيا - ۽ جڏهن
پيهر گجرن حملو ڪيو ته پوءِ ڏونگر سومري
دودي کان مدد طلب ڪئي جيڪو اڳ ئي
دل هاري هليو ويو هو. ڏونگر جو قاصد چارڻ
هو جنهن کي دودي جواب ۾ چيو "جي
طاقت نه هجي ته ڪنهن ٻاهين جو سگهه ڏئي
صلح ڪن" - چارڻ تمام گهڻو چالاڪ ۽
سيالڪ، حاضر دماغ ۽ دانشور هو جنهن
هيئن ورايو

جر ته کٿيا ڪنگرين، راڄ نه کنڊين وڃ
ٻولي و جي گجرين، ته چوليا دودي پڄ

ذڪر ڪيل تحرير واضح ڪري ٿي ته سومرن
جو دور سنڌي ادب جو اوائلي ۽ ڪلاسيڪل
دور آهي

## ٣ مذهبي شاعري

اسماعيلي مبلغن جي
ارڙهين امام پنهنجي هڪ مبلغ کي ١٥٧٩ع ۾ سنڌ
ڏانهن تبليغ لاءِ موڪليو. جنهن سبب ڪيترائي سنڌي
مسلمان ٿيا ۽ اسماعيلي فرقو اختيار ڪيا ويو - ان
سلسلي ۾ پير شمس سبزواري جو هڪ شعر
ملي ٿو جيڪو هيٺ ڏجي ٿو

حق لڳون، پاڪ لڳون، بادشاهه مهربان به لڳون
رب لڳون، رحمان لڳون، يا الله اول آخر قاضي لڳون ٿي لڳون

مذهبي عالمن جي هن ريت شاعري ان ڳالھ تي دليل ڪري ٿي ته سومرن جي دور ۾ سنڌي عالمن، اديبن ۽ حڪمرانن ۽ دانشورن سنڌي ادب لاءِ مختلف طرز ۽ طريقن سان پنهنجون خدمتون سرانجام ڏنيون


## ۴- پير صدرالدين راشدي جا ڳنان.

سومرن جي دور ۾ جتي هن پير صاحب جي ڳالھ ڪجي ٿي ته تاريخ ۾ جنهن ستارا ٽڪيا ڳاوڻ. سومرن جي دور ۾، اسماعيلي مبلغن ۽ پير صاحب ڳنان جي ذريعي اسلام جي دعوت کي عام ڪيو. جنهن جي ڪري لوڪ ڪيترن تي سڌرڻ ۾ پهتي، سنڌي ادب جي اوسر ۾ ڳنان جو به هڪ سنو ڪردار تصور ڪيو وڃي ٿو.

## ۵- سنڌي ٻولي جي جاگرافيائي وسعت

اسماعيلي مبلغ پنهنجي تبليغ ۾ ڳنان پڙهندا هئا. جيئن ته مذهب جي تبليغ لاءِ مبلغ مختلف نئين جڳهين تائين پنهنجو پيغام پهچائيندا آهن اهڙي ريت اهي مبلغ ڳنان به چوندا رهيا

جنهن سبب نه صرف سنڌ جا ٻوليا مختلف
شهرن ۾ رائج ٿيا پر ٻولي کي جاگرافيائي
وسعت ملي ٿي. مختلف ناليوارن اديبن،
عالمن ۽ اديبن جو ان ڳالهه تي موقف
آهي ته سنڌي ٻولي سان ملتان، (پنجاب) گجرات
۽ مڪران بلوچستان تائين وسعت مليا
جيڪا سنڌي ٻولي جي ابتداء جو سبب بڻي.




## ٦- خواجڪي سنڌي-

سومرن جي دور ۾
پير صدرالدين شاهه 40 آڪيا خواجڪي پنٿ
جو ٻڌ جيڪا اڄ به ڪتب آندي ٿي وڃي.
پير سائين جي خدمتگارن انڪار نٿو ڪري
ننڍڪي خاص ڪري جيڪي سنڌي ادب لاءِ
ڪيل. الهڻ دليل ماڻ صاف واضع آهي

سومرن جو دور سنڌي ادب جو اوائلي ۽ ڪلاسيڪل
دور ٢ حصا

## ٧- ڳاهه ۽ ڳيچ ڳايا ويا-

ميمڻ عبدالمجيد سنڌي جي مطابق رومانوي داستانن کي شعر جي صورت ۾ بيان ڪرڻ لاءِ ڳاهه جهڙو آهي جيئن محل ۽ موقعي لاءِ وڌيڪ اثرائتو بڻائي ٿو- ان کان علاوه ڳيچ جيڪي اصطلاح شادين ۽ ٻين خوشي جي موقعن تي ڳايا ويندا آهن انهن جي شروعات به سومرن جي دور کان ٿي- ڳيچ سنڌي شاعري جو پهون قسم آهي- ڳيچ لفظ ڳاءَ مان نڪتو آهي- ڳاءُ اڄ به ڪوهستاني عورتن ۾ مروج آهي- ڳيچ لوڪ شاعري جو قسم آهي- لوڪ شاعري ۾ گهڻو ڪري شاعر جي خبر نه پوندي آهي پر تنهن هوندي به سومرن جي دور جي هڪ شاعر جو نالو مليو آهي- جنهن جو نالو مرڪان آهي سنڌي ڳيچ هن نموني هيٺ ڏجي ٿو-

هيءُ ڪانڌ پرڻي لس
هي واسرڙي وس
آئون ڪلندي ڪڏندي اچان

ع

ترهيل ڏٺم سک ڇار ۾
آئون ڪلنديا ڪڏ نديءَ اڇان

ڇانڊاري ڏٺم سڪ ڇار ۾
آئون ڪلندي ڪڏ نديءَ اڇان

## ٨- سومرن جي دور جو ادبي جائزو

**سومرن جو دور**

- شعر و شاعري جي فني ارتقا
  - دوها ڇند شعر
  - سورٺا ڇند شعر
  - دوها ڇند +
  - سورٺا ڇند شعر
- سنڌي ادب جا شروعاتي سڪيلا
  - رومانوي داستان
  - رزميه شاعري
  - ڳنان
  - تسبيح
  - خواجڪي سنڌي
  - مذهبي شاعري

## ج تت-

سومرن جو دور سنڌيا ٻولي عمارت جو بنيادي پٿر آهي جنهن سنڌي ادب جي اوسر لاءِ ڪيترائي قدم کنيا. سومرن

جي دور ۾ مقامي ماڻهن جي قصن ۽
ڪهاڻين کي رومانوي داستانن جي روپ
۾ بيان ڪيو ويو آهي. جيئن ته
شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي ستن سورمين
مان ڪجهه جو تعلق هن دور سان آهي
ان کان علاوه مزيد واقعه به ان دور
۾ بيان ڪيا ويا. مذهبي ڪتاب به ڇپيا ويا
جنهن سبب سنڌي ٻولي کي جاڳ، اڀياڻي ۽ وسعت
ملي. انهن سڀني مثالن کي ڏسندي اهو واضح ٿئي ٿو
ته سومرن جو دور سنڌي ٻولي جو اوائلي ۽
ڪلاسيڪل دور آهي.